# قديم لپيون ۽ نشانيون

## Ancient Scripts and Signs

تحقيق

ڊاڪٽر منصور ٿلهو

Research By:

Dr Mansoor Thalho



قديم لپيون ۽ نشانيون

Ancient Scripts and Signs

تحقيق: ڊاڪٽر منصور ٿلهو

ناري پبليڪيشن

67

Detsign By:Mehran ALi



انسان ارتقا جا ڪيترائي نازڪ دور طئہ ڪندو پنهنجي شڪل ڪي ۽ ٻي اين ڪي تبديل ڪندو اڄ جي بني بشر جي صورت ۾ موجود آهي. انساني ارتقا سان گڏ ڪيترا جِيوَ پنهنجو وجود وڃائي ويٺا، جنهن جو سڀ کان وڏو سبب انهن جي اندر ان فهم جي ڪمي هئي، جيڪا انسان وقت سان گڏ حاصل ڪئي ۽ ان فهم رکڻ واري خاص صلاحيت سان انسان ڳالهائڻ سکي ورتو. جنهن جي شروعات اشارن جي زبان سان ٿي ۽ آهستي آهستي انسان آوازن جي استعمال سان شين کي نالا ڏيندي اها صلاحيت حاصل ڪئي. اڄ دنيا ۾ لڳ ڀڳ 7100 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ڳالهہ اتي بہ ختم نٿي ٿئي، انسان ارتقائي سلسلي جو سڀ کان وڏيڪ ڄاڻ حاصل ڪندڙ جِيوَ بڻجي ويو ۽ هن ڳالهائجندڙ ٻوليءَ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ نشانيون بہ جوڙي ورتيون ۽ ايئن اڄ دنيا ۾ 4065 ٻولين جا اسڪرپٽ موجود آهن، جن مان ڪجهہ ٻولين کي تمام گهٽ لکيو وڃي ٿو، 917 ٻولين جو ڪوبہ اسڪرپٽ نہ آهي.

انسان ٻولي جوڙي انهن جا صورتي نشان ٺاهي پنهنجي پيغام کي ايندڙ وقتن جي انسانن لاءِ ڇڏيندو ويو. اڄ جي ترقي يافتہ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي عروج واري دور ۾ گذريل انسان جي تاريخ جا پيرا کنيا پيا وڃن. ان جي ڀيٽا ڪي گڏ ڪيو پيو وڃي ۽ سندن وچ ۾ هڪ جهڙائين ۽ فرق کي ڳولهيو پيو وڃي تہ جيئن گذريل تاريخي بنيادن تي مستقبل کي تعمير ڪري سگهجي. ڊاڪٽر منصور ٿلهو بہ انهن ٻيچين ماڻهن مان هڪ آهي، جيڪو پنهنجي شناخت کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻوليءَ جي لپيءَ لاءِ پنهنجي آڌار تي تحقيقي ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن ٻين ڪيترن ڪتابن سان گڏ "قديم لپيون ۽ نشانيون" ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي سفر ۾ اسان کي ڏنو آهي. تحقيقي ڪم لاءِ وسيلا گهرجن، وقت گهرجي، پر هو پنهنجو پاڻ تي ياڙي اهو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ موهن جي دڙي مان مليل ٺڪريءَ جي تختين تي لکيل ٻوليءَ جي نشانن جا پيرا بہ کڻي رهيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو ٻين عالمي ٻولين سان سنڌي ٻوليءَ جي آوازن ۽ صورتن جو لاڳاپو ۽ هڪ جهڙائي بہ ڳولهي رهيو آهي.

ان سڄي ڪم جو مقصد اهو آهي تہ جيئن ان ٻوليءَ جي تاريخ کي ڳولهي لهجي، جنهن جو ماضي تمام گهڻو شاندار هو ۽ سنڌو ماتريءَ جي ماڻهن جي تهذيب ڪيئن پنهنجا پر پکيڙي سڄي دنيا جي تهذيبن جي اوسر ۾ ڪيڏو نہ وڏو ڪردار ادا ڪيو. اميد ته ڪجي تہ ان سڄي ڪم ۾ مهين جي دڙي جي ٻوليءَ کي بہ ڊسائيفر ڪرڻ ۾ ڪا مدد ملندي.

زاهده ابڙو

# قديم لپيون ۽ نشانيون
(Ancient Scripts and Signs)

(تحقيق)

ڊاڪٽر منصور ٿلهو
*Research By:*
*Dr. Mansoor Thalho*

ناري پبليڪيشن حيدرآباد
ناري ميڊيا سينٽر
443/3 صدر حيدرآباد



**حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ**

ناري پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 67 هون

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | قديم لپيون ۽ نشانيون<br>Ancient Scripts & Signs |
| موضوع: | تحقيق |
| ليکڪ: | ڊاڪٽر منصور ٿلهو |
| ڇاپو پهريون: | سيپٽمبر 2022ع |
| تعداد: | هڪ هزار |
| لي آئوٽ ۽ ڪمپوزنگ: | فيصل ميمڻ 03153199034 |
| ٽائيٽل: | مهراڻ سهتو |
| ڇپائيندڙ: | نذير ناز |
| ڇپائيندڙ: | ناري پبليڪيشن/ناري ميڊيا سينٽر 443/3<br>صدر حيدرآباد سنڌ<br>فون نمبر: 2721625 (022) |

مُلهہ: 300/=

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. اداري پاران | نذير ناز | 4 |
| 2. پيش لفظ | منصور ٿلهو | 6 |
| 3. مهاڳ | اياز پاڳت | 17 |
| 4. باب پهريون ”الف“ = انگن/عددن/ ڳڻپ واريون نشانيون | | 27 |
| 5. باب پهريون ”ب“ = ايسٽرن بيٽ جون نشانيون ۽ سنڌو لکتون | | 33 |
| 6. باب ٻيو = ٽرونڪ نوٽس لکتون | | 36 |
| 7. باب ٽيون = پونڪ رسم الخط ۽ موهين جو دڙو جون نشانيون | | 47 |
| 8. باب چوٿون = اکر ۽ انگ_3 | | 63 |
| 9. باب پنجون = ليڪ ڪارل فائولمن (Carl Faulmann) جو ڪتاب | | 80 |
| 10. باب ڇهون = مگڌا لپي جون نشانيون | | 92 |
| 11. باب ستون ”الف“ = انگريزي الفابيٽ ۽ آڳاٽيون نشانيون | | 96 |
| 12. باب ستون ”ب“ = ايٽروسڪين جا اکر ۽ انگ | | 103 |




# اداري پاران

ناري پبليڪيشن پنهنجن ساٿين جي ساٿ سان هن آشياني کي مختلف رنگن جي ديپڪ سان سينگاريو آهي.

اڄ وري نئين چاهه سان ڊاڪٽر منصور ٿلهو جي قلم سان تخليق جو نئون رنگ کڻي اوهان آڏو حاضر ٿي آهيان.

”قديم لپيون ۽ نشانيون“

ساٿيو! هن دور ۾ اسين پنهنجن ذاتين خواهشن ۾ اهڙا ته مگن ۽ گم ٿي ويا آهيون جو پنهنجي نسل لاءِ ڪجهه به نٿا ڪريون، نڪي سوچيون، پر سنڌ جا ڪي اهڙا سچا تخليقار آهن، جيڪي موبائل جي دنيا کان نڪري، سنڌي ٻولي لاءِ سوچين ۽ لوچين پيا. اهڙن ماڻهن مان هڪ ڊاڪٽر منصور ٿلهو آهي، جيڪو آمريڪا جي رنگن ۾ پاڻ کي رنگيو ناهي، اُتي رهندي به سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ ۽ نئين نسل جي ڄاڻ لاءِ لکندو، کوجنا ڪري ٿو، جيئن هن ڪتاب ۾ سنڌ جي قديم نشانين جا پيرا کنيا آهن.

ڏنو وڃي ته سنڌ جي قديم تهذيب جو ماڳ ”موهين جو دڙو“ ان مان لکتن واريون پٽيون ۽ مهرون مليون آهن. جيڪي اوائلي سنڌي ٻوليءَ جا آواز آهن. اڄ به ڪيترين لپين (رسم

**الخطن) ۾ اهڙيون نشانيون مختلف آوازن سان ملن ٿيون. اهڙو ناياب ڄاڻ وارو ڪتاب پيش ڪندي، منهنجو ڳاٽ فخر سان اوچو ٿيو آهي. مان ڊاڪٽر منصور ٿلهو جي بي حد ٿورائتي آهيان، چاهه ۽ سِڪ سان ٻه اکر لکندي اها اُميد ڪيان ٿي ته ڊاڪٽر منصور ٿلهو جو ساٿ هلندو رهندو ۽ ناري پبليڪيشن توهان پڙهندرن جي لاءِ نوان ڪتاب ڇپرائيندي رهندي ۽ توهان سڀين پڙهندرن جي ساٿ جي طلبگار آهيان.**

**توهان جي پنهنجي**

## نذير ناز



# پيش لفظ

**آڳاٽين تهذيبن ۾ لکت جو رواج لوهه ۽ ٽامي جي دؤر کان ٻه اڳ جو ملي ٿو. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ميسوپوٽيميا تهذيب ۽ مصري تهذيبن جون قديم ٻوليون ۽ انهن جي رسم الخطن وارين نشانين کي ڏسجي ٿو. ته منجهن تمام گهڻيون هڪجهڙايون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.**

**سنڌو ماٿري تهذيبن جي ماڳن ملندڙ لکتون هزارن جي تعداد ۾ آهن. ”هڙاپا“ ۽ ”موهين جو دڙو“ جي مُهرن ۽ ٽامي جي پليٽن تي اُڪريل لکتن بابت ڪيترن ئي پرڏيهي عالمن ۽ آرڪيالاجي ماهرن گهڻو ڪجهه لکيو آهي.**

**ليڪڪ جيمس نارمن (James Norman) جو ڪتاب “Ancestral voice decoding ancient languages” ڪتاب جي صفحي 208 تي سنڌو ماٿري جي مُهرن جي نشانين يا رسم الخط جي باري لکيو آهي ته:**

> **”لکڻ جو چوٿون سرشتو جنهن سڄي دنيا جي عالمن کي حيران ڪيو آهي. اها هڪ لکت آهي. جيڪا هندستان هن وقت پاڪستان ۾ هڙاپا ۽ سنڌو درياءَ تي ”موهين جو دڙو“ جي شاندار دُٻن جي ٽرن مان اَڻ ڄاتل وڏي مقدار ۾ مُهرن ۽ ٽامي جي پليٽن تي ٿي. ڊيلٽا، هن صدي دوران دڙي جي کوٽائي هڪ وسيع پُراسرار تهذيب جي باقيات کي پڌرو ڪيو آهي. جيڪا اڳتي**

**هلي ٻي صدي قبل مسيح تي سگهي ٿو ته هن تهذيب جا ميسو پوٽيميا جي ماڻهن سان ثقافتي يا واپاري لاڳاپا هُجن. چاڪاڻ جو ڪجهه عجيب مُهرون سُميري کوٽائي مان مليون آهن."**

A fourth system of writing which has intrigued scholars throughout the world is a script found on a large number of seals and small copper plates uncovered in the impressive mound ruins at Harappa in the Punjab region of India, and at Mohen-jo-Daro in the Indus River delta. Excavation of the mounds during this century has uncovered the remains of an extensive, mysterious civilization that flourished as far back as the second millennium B.C. This civilization may have had cultural or trade ties with the people of Mesopotamia, for some of their curious seals have been found in Sumerian excavations.




آڳاٽن انسانن جي لکت وارو پورهيو، جڏهن ٻولين جي رسم الخطن جو وجود ئي ڪو نه هيو، بغير آوازن واريون



نشانيون هيون. صدين ڪانپوءِ لساني ماهرن جي محنت سان نشانيون صوتيات جو ويس پائي ٻولين جي رسم الخطن جي سونهن بڻجي ويون. ڪن رسم الخطن ۾ ٻن نشانين جو هڪ آواز آهي، ته ڪن ٻولين ۾ ٽن، چئن، پنجن ۽ ڇهن کان مٿي مختلف شڪليون رکندڙ نشانين جو هڪڙو آواز آهي.

تمثيق رسم الخط ۾ آواز "d" (د) جون ٽي () شڪليون آهن ۽ ساڳي ئي ٻوليءَ ۾ آواز "f" (ف) جون چار () شڪليون ڏيکاريون ويون آهن.

مٿيون چار شڪليون () ڪيترين ئي ٻولين ۾ الڳ الڳ آواز آهن. جڏهن ته تمثيق ٻوليءَ ۾ هڪ شڪل "" رکندڙ نشانيءَ جا ٻه آواز "m" (م) ۽ "f" (ف) آهن.

## اوپر فلسطين جون لکٽيون

جنهن ۾ ٻولي هوريانائيٽ ۾ آواز "k" ۽ ٻولي لڪيان ۾ آواز – k = ۽ آئبريين ۾ آواز =A= جون II نشانيون ڏنيون ويون آهن.

آواز - K = 

لڪيان ٻوليءَ ۾ آواز 

آئبريين ۾ آواز 

آڳاٽيون نشانيون رسم الخطن جي آوازن ۾ انگن ۾ به استعمال ٿين ٿيون.

1. وينٽڪ (ايسٽ) ۾ آواز "U" - Λv
2. ايسٽ ريٽڪ (ماگري) ۾ آواز "U" = Λ
3. ويسٽ ريٽڪ ۾ آواز "U" = v
4. ڪميونڪ (سوندريو) ۾ آواز "U" = VΛ YX
5. ليپونٽڪ (لگائو) ۾ آواز "U" = v

نشاني "Λ" انگ اٺ جهڙي اهي. ٻولين ۾ مختلف آواز ر ڪندڙ نظر اچي ٿي. "g" S, U, A, bi, d, L, P– q– وغيره.

جڏهن ته انگريزيءَ جي ڪجھ لفظن ۾ آواز "A" جي جاءِ تي استعمال ڪئي ويندي آهي.

هُندا - HUNDΛ

سامسنگ - SΛMSUNG

قديم ٻولين ۾ ڪجھ نشانيون اهڙيون آهن، جن جي مٿان هيٺان وچ ۾ ٽبڪو (نشان) لڳائي آواز ٺاهيا ويا.



قديم نشانيون ٻولين ۾ شڪليون ۽ آواز بدلائيندڙيون رهيون آهن. جڏهن ته آڳاٽين نشانين مان ڪيتريون مشهور ٻوليون جُڙيون آهن. جيئن انگريزي ٻوليءَ جا آواز A کان Z تائين، هن الفابيٽ جا سمورا آواز اوائلي نشانين مان جوڙيا ويا آهن. اڄ جيڪي به سُڌريل ۽ شاهوڪار ٻوليون سڏجن ٿيون،



انهن سڀني جي لپين وارن آوازن جو بنياد اوائلي تهذيبن جون نشانيون آهن.

دنيا جا آرڪيالاجسٽ، لساني ماهر اڄ به قديم لکتن تي تحقيق ڪري رهيا آهن. قديم نشانين جي کوج ۾ لڳل آهن. ڇو ته زمين جي تهن ۾ اجا ڪي راز دفن ٿيل آهن.

اوائلي ٻولين جي رسم الخطن ۾ جديد دؤر جي ٻولين ۾ ٽبڪن وارا آواز ملن ٿا.

تمثي رسم الخط (لبيا – آفريڪا)

تمشيق ٻوليءَ

جي ٻن آوازن "S" = ⊙ = ⊡ ۽ "g" = ï = ! جي لکتن ۾ ٽبڪن واريون نشانيون آهن.

## تمشيق رسم الخط

| Name | Zeichen | Wert |
|---|---|---|
| ***Yeẕ*** |  | ẕ |
| ***Yer*** |  | r |
| ***Yes*** |  | s |
| ***Yeg*** |  | g |
| ***Yej*** |  | g |
| ***Yef*** |  | f |

خاڪو (1)

تمثيق ٻوليءَ ۾ آشواز "s" (س) جون ٻہ لڪتون ڏيڪاريون ويون آهن. قديم براهمي ۽ سنڌي ٻولين ۾ آواز "ٿ" (th) ʘ = ʘ جون نشانيون تمثيق ٻوليءَ جي آواز سان ملندڙ آهن.

تمثيق ٻوليءَ ۾ آواز "R" (ر) جون ٻہ نشانيون O = □ ، جيڪي قديم سنڌي ٻوليءَ جي آواز ب = □ ۽ "O=va" نشانين سان ملندڙ آهن.

تمثيق ٻوليءَ جا آواز "R" ۽ "S" جون نشانيون سڳيون آهن، پر ٻن نشانين (O = □) جي اندر ٽٻڪو ʘ = ⊡ لڳائي آواز جوڙيا ويا آهن. جنهن ۾ ظاهر ٿئي ٿو تہ قديم دور ۾ ٽٻڪن واريون نشانيون لڳائي آواز جوڙيا ويندا هئا.

## تمثيق رسم الخط



TAMAŠEQ.

| Name | Zeichen | Wert |
|---|---|---|
| Təγerit | . | a, i, u |
| Yeb | ◫ Φ | b |
| Yet | + | t |
| Yed | ⊔Λ⊓ | d |

خاڪو (2)



تمثيق ٻوليءَ جو آواز "b" جون ٻہ نشانيون = ٻنهي نشانين جي اندر ننڍڙي عمودي لڪير لڳائي ويئي آهي. اها عمودي لڪير گول ۽ چوڪندي جي دائري اندر ۾ آهي. جڏهن عمودي = l، ڪيترين ٻولين ۾ اواز واري نشاني آهي. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿي تہ تمثيق ٻوليءَ جو آواز ٻن نشانين مان جوڙيو ويو آهي.

تمثيق رسم الخط



| Name | Zeichen | Wert | Name | Zeichen | Wert |
|---|---|---|---|---|---|
| Yel | ‖ | l | Yeš | ⊐ | š |
| Yem | ⊐ | m | Yeh | ⁞ | h |
| Yen | \| | n | Yed | ∃ | d |
| Yek | ∴ | k | Yeχ | :: | χ |
| Yeq | ... | q | Yew | : | ū, w |
| Yeγ | ⁝ | γ | Iy | ξ | ī |

خاڪو (3)

تمثيق ٻوليءَ جو آواز "F" (ف) جون چار نشانيون "⊐⊏ ⊟" (خاڪو-1) ڏسو. ساڳئي ٻوليءَ ۾ مٿين نشانين جا الڳ آواز ملن ٿا.

خاڪو 2 آواز "d" = ⊓Λ⊔، خاڪو 3 آواز "m" ⊐

تمشيق ٻوليءَ ۾ آواز "d" ۽ آواز "F" جي نشاني ساڳي " ⊓ " موهين جو دڙو جي " ⊓ " نشاني سان ملندڙ آهي.

The symbol " ⊓ " which we find only in composition may will be this'wa' in composition.

سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن جو پاڙ ۾ قديمي لساني، ثقافتي ڳانڍاپو آهي. سنڌي زبان جون ٻه سئو رسم الخط هيون، جيڪي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رائج هيون. اهڙو احوال ڪتابن ۾ ملي ٿو.

سرائيڪي زبان جي باري ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ته ان جو ٻه مختلف رسم الخط هيون.

سنڌ ۽ ملتان رسم الخط جو هڪ نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

جنهن ۾ ٻنهي رسم الخطن جي آوازن واريون ڪيتريون لکٽيون پاڻ ۾ ملندڙ ڏيکاريون ويون آهن.



| Sindh | | Multan | |
|---|---|---|---|
| Zeichen | Wert | Zeichen | Wert |
| | ṅa, ña | | |
| | ṭa | | |
| | ṭha | | |
| | ḍa | | ḍa |
| | ṇa | | ṇa |
| | ta | | ta |
| | tha | | tha |
| | da | | da |
| | dha | | dha |
| | na | | na |
| | pa | | pa |



سنڌي آواز "ta" (3) ۽ ملتان رسم الخط جو آواز (3) "ta" ٻئي لکتون ساڳيون آهن ۽ انگريزي انگ (Three) سان مشابهت رکندڙ نظر اچن ٿيون.

آواز "Pa" (پ) جي لکت "Ч" سنڌي انگ ڇهه جهڙي آهي. آواز "dha" (ڌ) جي لکت انگريزي انگ "Six" ڇهه جهڙي نظر اچي ٿي.



| Sindh | | Multan | |
|---|---|---|---|
| Zeichen | Wert | Zeichen | Wert |
| | pha | | pha |
| | ba | | ba |
| | bha | | |
| | ma | | ma |
| | ya | | ya |
| | ra | | ra |
| | la | | la |
| | va | | va |
| | sa | | sa |
| | ha | | ha |
| | tra | | tra |

سنڌي ٻوليءَ جا آواز ”رَ“ (Ra) ”La“ (ل) ۽ ”va“ (وَ) جون لکتون انگ/عدد ٻہَ ۽ ٻڙي سان ملندڙ آهن.




سنڌ ۽ ملتاني رسم الخط جون نشانين اُن قدر/آواز جيڪي پاڻ ۾ لساني رشتو ظاهر ڪري رهيا آهن. ٻنهي ٻولين



جون ڪيتريون ئي نشانيون، اوائلي ٻولين جي لپين ۾ پڻ نظر اچن ٿيون، جنهن مان اها سڌ پوي ٿي تہ ٻولين جا پاڻ صوتياتي ۽ لکتن جي حوالي سان قديم رشتا آهن.

هن پورهئي ۾ مانوارن استادن، دوستن ۽ سڄڻن جن ساٿ ڏنو، سائين فتح محمد ٽيبو ”شهزاد“، سائين ڊاڪٽر محمد علي مانجهي صاحب، سائين ڊاڪٽر شير مهراڻي، سائين اياز پاڳت صاحب، محترم زاهده ابڙو صاحبہ ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکڻ جي لاءِ سهڪار ڪيو. ان جو پڻ ٿورائتو آهيان. انهن کان علاوه سائين محمد خان جروار صاحب، سائين ڊاڪٽر دليپ سريچا، زاهد حسين ابڙو صاحب، سائين لطيف لغاري، سائين پروفيسر عنايت خاصخيلي، سائين جبار ”تاثير“ سومرو، پروفيسر طاهر مسعود مهر، سائين محمد حسين ٽالپر ”دلشاد“، ڊاڪٽر مُبشر ڪولاچي ان جا وڏا قرب جنهن سان بحث مباحثو ٿيندو رهيو، پيارو دوست مکيش بارٽاٽي، محترم فاروق جعفراڻي صاحب پنهنجن هنن منڙن يائرن جو پڻ تہ دل سان شڪر گذار آهيان. ڊاڪٽر منير احمد ٿلهو، آفتاب احمد ٿلهو، ڊاڪٽر بخشل ٿلهو، سجاد احمد ٿلهو ۽ صغير حسين ٿلهو عرف ”نويد“، نجيب ٿلهو، واجد علي ٿلهو، ماجد علي ٿلهو، امتياز عزيز قاضي، محترم سائين محمد علي پنهور صاحب ۽ سمبارا سٽ جي دوستن جو خاص ڪري ساجد سنڌي، فيصل ميمڻ، مهراڻ سهتو ۽ ٻين دوستن جو پڻ نهايت ٿورائتو آهيان.

**ڊاڪٽر منصور ٿلهو**

# مُهاڳ

مان سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ پهريون ڪتاب ”تخليق ڪائنا ڪان نوح عليہ السلام تائين“ ... جي صفحي 394 ڪانپوءِ لسانيت جي عالمن ۽ ماهرن جي تحقيق کي مدنظر رکي ٻولين جو چارٽ ٺاهيو هو، جنهن ۾ اها راءِ رکي هئي ته دنيا جي مختلف ٻولين جو اصل ۾ بڻ بڻياد قديم تهذيبون آهن ۽ قديم سنڌي ٻولي آهي، جنهن ۾ ڪجهه ٻولين جو ذڪر ڪيو هيم ۽ ڪجهه جي صحي ڄاڻ نه هئي، جنهن ڪري رهجي ويون.

مان جڏهن منصور ٿلهو جي تحقيق کي ڏٺو ته، اهو احساس ٿيو ته مان سنڌي ٻوليءَ جي اصل اهميت، قدامت ۽ ان جي ڦهلاءُ کان اڻ ڄاڻ آهيان.

منصور ٿلهو صاحب سان جيئن ويجهڙائپ ٿي، زباني ۽ ڪتابي طور منهنجي معلومات ۾ وڏو اضافو ٿيو، جنهن انداز ۽ نموني جستجو، محنت ۽ لڳاءُ سان هو، ڪم ڪري رهيو آهي. شايد پيدا ئي انهيءَ ڪري ٿيو هيو، سندس ڪم نهايت جاندار، ثبوت ۽ دليلن سان ڪيل آهي.



دنيا ۾ جيڪي ٻوليون ڳالهايون يا لکيون وڃن ٿيون، اهي سڀ هڪ ارتقائي مرحلن مان وقت پٽاندر جڙيون آهن. اهو برابر آهي ته، الله تعاليٰ سورت بقره جي آيت-31 جي مطابق ”۽ (الله تعاليٰ) سيکاريائين آدم کي سڀئي نالا ۽ پوءِ ان کي سامهون آندائين ملائڪن جي پوءِ (کين) چيائين، ٻڌايو! مون کي ٻڌايو نالا هنن جا جيڪڏهن اوهان سچا آهيو.

هت نالا سيکارڻ جو مطلب ته الله تعاليٰ جيئن چاهيو اهو علم، ڄاڻ، سمجهه ۽ عقل عطا ڪيو ۽ بعد ۾ ضرورت آهر انسان جي دلين ۾ منتقل ڪيو.

ٻوليءَ جو بنياد اصل ۾ انسان جي شروعاتي آوازن جي آڌار تي پيو، پوءِ اهي آواز جيڪي جاگرافيائي، اقتصادي ۽ ماحولياتي ڪيفيتن جي آڌار تي جُڙندا نهندا رهيا ۽ انهن آواز جون معنائون به بدلجديون ويون.

انسان جي ڳالهائڻ جو تعلق آوازن سان آهي، جيڪو هو جمڻ سان روئاڻ روئاڻ ڪندو آهي، پوءِ جيئن ته ٿڃ پيئڻ جي لاءِ ۽ ڪنهن حاجت وقت بي قرار ٿي رڙندو يا روئيندو آهي.

علم لسانيات جا عالم ۽ ماهر ان نظريئي تي متفق آهن. ”ٻوليءَ جو بنياد اهي آواز ئي آهن، جن کي فونيم (Phoneme) چون ٿا، انهيءَ ۾ ڪجهه عالمن اضافو ڪندي لکيو.“ انسان سماج جي ابتدا ڪنڌڙ فرد، جنهن پنهنجن ڦڦڙن،

نڙگهٽ، جڀ، ڏندن، تارونءَ، ڪاڪڙي ۽ ٻين ڇهه جي قوت کي پاڻ مرادو ڪم آڻڻ ڪانپوءِ اهي آواز اُچاريا هجڻ گهرجي.

انسان جي زبان مان نڪتل مختلف آواز ٻوليءَ جي نهڻ جو بڻ بڻياد آهن ۽ احساس-ڇُهڻ، محسوس ڪرڻ ۽ اظهار جو ذريعو به آواز آهن. اهي آواز ئي آهن، جن سان انسان جي ٻولي ٻڻجي ٿي.

لسانيات جي هڪ جديد ماهر ”ڪيرول“ تحقيق جي آڌار تي لکيو آهي ته ٻوليءَ جي بناوت ڳلي جي خودمختيار آوازي سرشتي جو ئي نتيجو آهي.

آوازن ٻوليءَ جي صورت ڪڏهن اختيار ڪئي، تنهن مطابق ڪا به ثابتي ڪونهي، پر قرآن مجيد جي مطابق حضرت آدمؑ کي سڀ سيکاريو ويو، جنهن کي فرشتن تسليم ڪيو ته:

”چيائون تون پاڪ آهين، نه آهي ڪا ڄاڻ اسان کي جيترو تو اسان کي سيکاريو آهي. بيشڪ خوب ڄاڻندڙ پڪي ڪم وارو آهين.“ (سورت البقره آيت-32)

انساني ڦهلاءُ جي متعلق اڪثر يورپي عالم انهي راءِ جا آهن ته، اسان سڀ اوير ۽ خاص ڪري سنڌوماٿر مان آيا آهيون، هاورڊ موئر پنهنجي ڪتاب ”Savage Survivals“ ۾ لکي ٿو ته:



”ڪهڙي زمين کي انسان جو پينگهو چئي سگهجي ٿو....؟ دنيا جي ڪهڙي هنڌ ۽ ڪڏهن ماڻهو جانورن جي هڪ نئين ۽ الڳ جنس جي صورت ۾ سوچيو، اهو معجزو ڌرتيءَ جي ڪنهن ٽڪريءَ تي ۽ ڪنهن دؤر ۾ واقع ٿيو هوندو....؟ هو وڏيڪ لکي ٿو ته انسان جي.... ابتدا، جنهن ايراضيءَ کي ڌرتيءَ جي اولهه وارو اڌ چئجي ٿو، اتي ڪو نه ٿي آهي، نه وري اتان ڪنهن مرڪز کان ڌرتيءَ جي چوڌاري ٻين پاسي پکيڙ آهي ڪيترين ڳالهين جانچيندي سائنسدانن جو خيال آهي ته: بني نوع انسان جو پهريون پينگهو ضرور ڌرتي جي اوڀرندي اڌ گول تي ڪٿي موجود ٿي سگهي ٿو“ هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”هاڻي اهو مڃيو وڃي ٿو ته انسان جي پهرين اوسر ڏکڻ ۽ ايشيا جي ڪنهن هنڌ تي ٿي هوندي.“ اسان قديم اثار ۽ کنڊرن جي کوجنا ڪانپوءِ يقيني طور اهو چئي سگهون ٿا ته اسان لاشعوري کان شعور ڏانهن سفر سنڌو ماٿري تان ئي ڪيو، جنهن جو سائنسي ۽ تحقيقي ثبوت اهو آهي ته، برطانوي جينيٽڪ سائنسدان ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي جي اينٿروپولاجي جي شعبي جي پروفيسر اسٽيفي اوپنهيمر جي ڪيل تحقيق موجب ايم 17 جين جو ڏکڻ ايشيا، حتمي خالق آهي ۽ اتان جا رهواسي بنيادي طور تي ايم جينيٽڪ رکندڙ آهن. ايم جينيٽڪ جا ماڻهو بنيادي طور سنڌو ماٿريءَ جا رهواسي آهن، جيڪي يورپ ۽ ٻين هنڌن تي وڃي ڪنهن نه

سبب جي ڪري اتي پهتا. هن ماتر جا ماڻهو دنيا جي هر ڪنهن ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ وڃي پهتا. ڌرتي جا عالم چون ٿا ته: ڌرتيءَ جي جاگرافيائي حدن جون تمام گهڻيون تبديليون آيون آهن، هو چون ٿا ته جاگرافيائي صورتحال بعد ايئن ٿعي هئي، جيئن اڄ موجود آهي، ڪنهن وقت جبرالٽر وٽ آفريڪا يورپ سان ڳنڍيل هو، ايشيا ۽ آمريڪا ۾ بي رنگ ڳچي سمنڊ وٽ پاڻ ۾ مليا هئا.

انساني آبادي جڏهن وڌي ته هن پنهنجي اباڻي زمين کي ڇڏيو ۽ وڃي نوان وٽاڻ وسايا، اهو عمل ڪڏهن کان جاري ٿيو، يقيني حضرت نوح عليہ السلام کان پوءِ سام، حام ۽ يافت وغيره جي اولاد ڪيو.

پر آثار قديمہ جي ثبوتن جي نمونن ۽ شاهدين جي بنياد تي سنڌو ماتري سان انسانن جي اچ وڃ پنجاھ هزار سال قبل مسيح کان ئي هوندي ۽ پوءِ ملاح ٻيڙين رستي دنيا ۾ ڦهلجي ويا ۽ ٽين وڌي لڏپلاڻ انهيءَ دؤر ۾ ٿي، جڏهن مهين جي شهر (موهين جو دڙو) جي تباهي شروع ٿي ۽ سنڌو ماتر جا ماڻهو دنيا ۾ وڃي ديرا ڄمايا، جنهن جا ثبوت سوس، آر، ميسوپوٽيميا، مصر ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي مليا آهن. مطلب سنڌو ماتر جي آوازن، صوتياتي اثرات .... ٻولي ۽ معاشري سڄي دنيا ۾ پنهنجو اثر ڇڏيو.



هڪ يهودي تاريخ نويس 350 قبل مسيح ۾ لکيو هو ته ”ميسو پوٽيميا ۾ علم، هُنر، تعليم ۽ خاص ڪري سميرين جي عروج جو سهرو سنڌو ماتر وارن جي سَر آهي، جتان اونس ديوتا اچي هنن کي تعليم ڏني.“ اهو ئي سبب آهي جو سنڌو ماتر جا ڌوار، نشان ۽ نشانيون مخلتف قسمن ۽ هنڌن تي موجود مليون آهن، جنهن جا مختلف ۽ ڪيترا مطلب ۽ معنائون آهن. جيئن ته شروعاتي طور انسان پنهنجين ضرورتن مطابق آواز اُچاريا هوندا، جن بعد ۾ ٻوليءَ جي صورت اختيار ڪئي.

جديد لسانيات جي ماهرن مثلن ”منسٽر بلاخ“، ”ٽريگر“ ٻہ مڃيو آهي ته انساني ٻولي پاڻ مرادو قبول ڪيل ۽ ادا ڪيل آوازي علامتن جي هڪ اهڙي تنظيم آهي، جنهن کي فرد پنهنجي سماج ۾ حال ونڊڻ ۽ گهُرجون پوريون ڪرڻ جي لاءِ ڪتب آڻيندا آهن. مطلب ته ٻوليءَ جو جڙڻ ڪنهن حاجت جي پورائي ڪرڻ لاءِ آوازن مان ٿي هوندي.

منصور ٿلهو جي مطابق مُهين (موهين جو دڙو) جون نشانيون ۽ آواز دنيا جي قديم ٻولين ۾ اڄ بہ موجود آهن. هن جي تحقيق جو اصل مقصد ۽ متو اهو آهي ته جيڪي سنڌوماتر جون نشانيون ۽ لکتون مليون آهن. هنن جي باقيات، نشانين جا آواز مختلف ٻولين جي لپين ۾ آهن. انهن

ڪي سمجهندي، مفهوم ۽ معنيٰ ڪڍي مُهين (موهين جو دڙو) واري لکت کي پڙهي سگهجي ٿو.

موهين جي قديم اسڪرپٽ کي دنيا جي عالمن مختلف وقتن تي لکيو، تن سنڌو ماٿريءَ جي ٻولي کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهن کان وٺي منصور ٽلهو تائين سنڌو لکت جي ڀاڃ پويان ڊوڙون جاري آهن.

هنٽر انهيءَ بابت لکيو هيو ته: ”موهين جو دڙو“ ۽ ”هڙاپا“ جي آثارن تي وڃي ڪوجنائون ڪرڻ ۽ لکت وارين شين تي ويچار ڪرڻ ڪانپوءِ پتو پيو آهي ته سنڌو سڀيتا هڪ نجي سڀيتا آهي، جنهن تي ڪنهن ٻه سڀيتا جو ڪو اثر ڪو نه آهي. هن ڳالهه جو چٽو پٽو ثبوت اهو آهي ته سنڌين وٽ علم هو، لکت جي ڄاڻ هئي، انهيءَ سلسلي ۾ ايس-آر-راءِ لکيو آهي ته ”سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو تمام گهڻو پڙهيل هئا، جيڪي پنهنجي پنيان 3200 (هن وقت انهن جو تعداد 4000 هزار کان مٿي آهي.)

اهڙيون شيون ڇڏي ويا آهن جن جي مٿان لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا ”اُڪريل“ ۽ ڪٽي وري ”نپيل“ آهي.

سرجان مارشل، سنڌو ماٿر جي ماڻهن جي علم، هنر ۽ لکت بابت لکي ٿو ته: ”ميسوپوٽيميا وارن سنڌ جي ماڻهن وٽان لکڻ ۽ پڙهڻ جو هنر سکيو، لکڻ جو هنر سنڌو ماٿريءَ جي رهواسين جي ايجاد آهي.



ميسوپوٽيميا جي ماڻهن هي هنر حاصل ڪري يورپ جي طرف ڦهلايو. مسٽر راءِ ٻه سنڌو ماٿري جي هُنر جي تعريف ڪئي آهي، هو لکي ٿو ته:

”جڏهن هڪ مُهر کي زور سان نپيو ويو ته نرم شئي تي ان جا نشان ٿي بيٺا، جيڪي ڏاڍا چٽا هئا، سنڌو لکت جي مُهرن تي جانورن جون تصويرون ۽ لکت اهڙي سهڻي آهي، جو دنيا ۾ ان جو مثال ڪو نه ٿو ملي.“

سمير مان مليل مواد جي مطابق انهن جي منت دلمون نالي واري اوير ۾ ٿي. سُمير جا آثار قديمه جي ماهر ۽ عالم مسٽر سموئل، ايس ڪريمر، ٽيهن سالن تائين ان متعلق تحقيق ڪئي ۽ پوءِ لکيو ته:

”سُميرين جي جنت دلمون سنڌ آهي.“

نود آر- ميسوپوٽيميا مان ڪيترين مُهرون اهڙيون مليون آهن، جن جو تعلق سنڌو ماٿر سان آهي. ماهر انهيءَ لکت کي قديم سنڌي ٻوليءَ جي لکت قرار ڏين ٿا. مرحوم عطا محمد ڀنڀرو صاحب انهن کي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي ملڪيت قرار ڏئي ٿو، ۽ لکي ٿو ته:

”مُهرن تي لکيل ٻولي جي صوتيات، لغت ۽ لفظن جي معنيٰ ان ٻولي جهڙي آهي، جيڪا هتان جي قديم ڪتابن، ويدن ۾ ڏسجي ٿي.“

هن ناتي مهرن مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌو ماٿر جا ماڻهو ”غير سامي“ ٻولي لکي (ڳالهائيندا) ۽ سگهندا هئا. هن وٽ سُر، آواز (عرف علت) موجود هئا. انهن وٽ ويجن حرف صحيح سان ملائڻ جي واٽ موجود هئي. حقيقت اها بہ آهي تہ قديم سنڌو ماٿر جي ٻولي ”سنڌي“ هئي. جيڪا وقت سان تبديل ٿيندي ويئي، پر ان جون لکتن واريون نشانيون ڪيترين ٻولين ۾ ساڳين آوازن يا ڪجھ بدليل آوازن ۾ موجود آهن.

موجوده صورت ۾ اهڙيون نشانيون اڄ بہ ٿر، ڪڇ، لاڙ ۽ ڪوهستان جي ڪَڇَ ۾ آهن. انهن تي تحقيق جي گھڻي ضرورت آهي.

ٿر جي علائقي ۾ چونرن، جهوپڙين، بينڪن ۽ خاص جڳهن تي نشانيون ڏسي سگهون ٿا.

سنڌي ڪنهن بہ ٻولي جي شاخ نہ آهي، نہ وري ڪنهن مان ڦٽي نڪتي آهي. جيئن اڪثر طور اهو چيو ويندو آهي تہ سنڌو سنسڪرت جي ڄائي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ان حقيقت کي تسليم ڪندي لکيو:

اسان جي تحقيق جي لحاظ کان اهو صحيح نہ آهي تہ سنڌي ٻولي ڪو سنئون سڌو ”سنسڪرت“ مان نڪتي آهي. اها هڪ عام غلط فهمي آهي.



سراج ميمڻ ”سنڌي ٻولي“ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ:

”سنڌي ٻولي ڪنهن ٻوليءَ جي پراڪرت نہ پر هڪ اصلوڪي بنيادي ٻولي آهي.“ اهڙي طرح ڊاڪٽر غلام علي الانا بہ تسليم ڪيو آهي تہ: ”سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ نہ آهي.“

سنڌو ماٿريءَ جي ٻولي اها جداگانہ حيثيت آهي، جو اڄ بہ ان ٻوليءَ جا آواز ۽ نشانيون ملن ٿيون. جن جي کوج لاءِ محترم منصور ٿلهو صاحب رات ڏينهن پتوڙي ٿو پيو ۽ کوجنا ۾ لڳو پيو آهي.

اسان جي ڪيس اها دعا آهي تہ هو هڪ ڏينهن انهيءَ مقصد ۾ ڪامياب ٿي ڳتيل مسئلي کي سلجهائي ويندو.

دعاگو

**اياز پاڳت**

لاڙڪاڻو - 5 جنوري 2022ع

## باب پهريون (الف)

# انگن/عددن/ڳڻپ واريون نشانيون

قديم نشانيون صوتياتي رشتي ۾ جُڙي وجڻ ڪانپوءِ لفظن جي سناءُ ڪي وڏيڪ دلڪش بڻائين ٿيون. ڪي نشانيون ٽِڪَ وانگر نظر اچن ٿيون. هڪ نشاني مختلف ٻولين ۾ ساڳي شڪل رکڻ جي باوجود الڳ آواز ظاهر ڪري ٿي.

جيئن ﮬ نشانيون V٨، هي انگن واري علامت ﮬ ظاهر ڪن ٿيون.

**قبرص رسم الخط:**

هن رسم الخط ۾ آواز V - sa ، آواز Ko– ٨

آواز= ka - (ڪَ – ڪا) ⩜ (ٻن نشانين جو گڏيل آواز)

آواز = ti ═══ ⇑

آواز = le ═══ 8

قبرص رسم الخط جو خاڪو هيٺ ڏجي ٿو.






(5)

وي "VEi" ٻوليءَ جي رسم الخط ۾ ڪي نشانيون انگن واريون آهن، ڪجهه نشانيون "موهين جو دڙو" جي ڦرهين وارين نشانين سان ملندڙ نظر اچن ٿيون.

هن ٻوليءَ ۾ آواز So – "8" انگريزي انگ اٺ (eight) جهڙو يا مشابه آهي ساڳي ئي ٻوليءَ ۾ آواز – "8" Zo جي لکت واري شڪل انگ اٺ (eight) ۽ آواز "so" جي نشاني وانگر آهي. يعني هڪ نشاني "8" جي مٿان 8̅ ۽ هيٺان "8̲" نشاني لڳائي آواز "te" جوڙيو ويو آهي.

”وي (vei) ٻوليءَ جي رسم الخط جي نشانين جا آواز ”خاڪو“ هيٺ ڏجي ٿو.




Die Kenntnis der vorstehenden Schrift verdanken wir dem Missionlir S. W. **KiLLE** (Outlines of a grammar of Ihe Vei language), sie soli, wie dieser berichtet, von einem Eingebornen, namens DOALU BUICERE • den **KÓLLE** im Jahre 1849 persónlich kennen lernte, erfunden sein. Leider hat **KÜLLE** unterl assen, **DOALU** um das Wichtigste zu fragen, n.mlich, wie er eigentlich auf die vorstehenden Zeichen gek ominen sei, denn dieselben sind un Grossen und Ganzen keine Bilder der Gegens tande, welche die Silben bezeichnen, und für blosse WilLkür enthalten sic zu vid System.



Es ist auffallend, dass dic Silben ungleichmssig vertreten sind, neben *bou* fehlt *beñ,* neben *feui fañ,* selbst die einfachen Silben sind nicht vollstándig, auch sind dic Zeichen niclit, wie in dem japamschen Syllabar, nur Anlaute, sondern auch Auslaute, namentlich die ,i-Laute sind derart vertreten, dass mit ft lautende Silben, wie *bad, feñ* u. s. w. nicht nothwendig wären, am meisten frappiren die verschiedenen Zeichen derselben Laute, deren Zweck nicht ersichtlich ist; kurz die ganze Schrift macht den Eindruck, ala ob sic nicht auf die Landessprache passe und erat auf diese angewendet worden sei.

Es kann daher die von KöLL ber ichtete Erzahlung, DOALU habe get räumt, ihm sei em weisser Mann mit einem Buche erachienen u.nd htbe ilain die Zusammensetzung von Zeichen zu Schriftbildern gelehrt, als keineswegs genugende Erkiarung des Räthsels bet rachtet werden, weiches diese Schrift vorsteilt, zumal Ihnliche Erzahlungen auch bei anderen Schnfterfindern, wie z. B. bei MESROP, dem BegrOnder der armenischen Schrift, vorkommen. (6)

وي (vei) ٻوليءَ جي رسم الخط جي هيٺان ليکڪ جرمن ٻوليءَ ۾ مضمون لکيو آهي. ان مضمون جو هيٺيون حصو ترجمو ڪيو ويو آهي.

ليڪڪ، آخري واري حصي ۾ لکي ٿو ته:

**”ڪوليءَ ڪهاڻيءَ ٻڌائي ٿو ته، “DOALU” خواب ڏٺو هو ته، هڪ سفيد ماڻهو ڪيس ڪتاب ڪٽي ڏيکاريو هو ۽ ڪيس ڪردارن جي ٽائيپ فيڪس ۾ ترتيب ڏيڻ سيکاريو هو، ڪنهن به لحاظ کان ڪافي نه هو. ڪائونسل جي وضاحت تي غور ڪيو وڃي، جنهن هن رسم الخط کي متعارف ڪرايو. خاص طور تي جيئن ته اهڙيون ڪهاڻيون ٻين ادبن جي موجدن سان به ملن ٿيون. مثال طور ميسروف سان جيڪو آرمينيائي رسم الخط جو باني هو.“**

وي ٻوليءَ ۾ ڪجهه آوازن جون نشانيون موهين (موهين جو دڙو) جي لکتن سان ملندڙ آهي.




(7)



## سنڌو ماٿري ۽ ايسٽرن آئرليند جي لکت ۾ هڪجهڙايون

سنڌو ماٿريءَ جي ماڳ موهين (موهين جو دڙو) جي تهن مان هزارين لکتون مليون آهن. انهن لکتن کي پڙهڻي لساني ماهرن پنهنجن ڪتابن ۾ ٻين ڪيترين ٻولين جي نشانين سان ڀيٽ ڏيکاري آهي.

ليڪ جيمس نارمن (James Norman) جو ڪتاب “Ancestral Voice” (انتهائي آوازون) هن ڪتاب جي صفحي نمبر 209 ۽ 210 تي سنڌو ماٿري (Indus Valley) جون ڏهه نشانيون ۽ ايسٽر آئزليند (Easter Island) جون ڏهه نشانيون ڏنيون آهن.

جنهن ۾ هڪ نشاني عدد اٺ “8” جهڙي ڏيکاري ويئي آهي.

## باب پهريون (ب)

# ايسٽرن ٻيٽ جون نشانيون ۽ سنڌو لکتون

Von Hevesy put together an interesting chart of forty-eight *rongo rongo* signs and the same numberof similar looking Indus Valley signs. He claimed this ws proof that thet two scripts were related.

*Ten of Von Hevesy comparisons between the Indus Valey and Easter Island scripts.*

Indus Valley

Easter Island



(8)

"وان هويسي (Von Hevesay) دلچسپ چارٽ 48 نشانيون رونگو رونگو ناهيون ۽ ڪجهه مشابهت رکندڙ نشانيون "سنڌو ماٿري" ۽ "ايسٽر آئزليند" جون ڏنيون ۽ پڻ اها دعويٰ ڪئي ته ٻنهي لکتن جو پاڻ ۾ تعلق آهي."

جي.آر.هنٽر جو ڪتاب "The Script of Harappa and Mohen-jo-Daro and its conection with other Scripts"



هن ڪتاب جي تعارف ۾ لکيو ويو آهي ته:

"There can be no doubt concering the Identity of the Indus and Easter Island scripts. [9]

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌو (Indus) ۽ ايسٽر ٻيٽ (Easter Island) جي لکتن جي سڃاڻپ ۾ تعلق آهي.

جي.آر. هنٽر پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي X-IX (9-10) تي لکي ٿو ته:

The age of Easter Island tablet of wood is totally unknown, and all knowledge of their writing has been lost. This same script has been found on seals precisely similar to thte Indian seals in Various parts of ancient sumer, at susa and the border land East of the Trigris. [10]

ايسٽر آئزليند جي نشاني "" جي ٻيٽ سنڌو ماٿري جي نشاني "" سان ڏيکاري وئي آهي.

موهين جو دڙو جي مُهر 52 پليٽ نمبر 29 (Plate XXIX) نشاني "" آهي.

53



(11)

سنڌو ماتري جي نشاني "" ۽ ايسٽر آئزليند جي
"" "موهن جو دڙو" جی مُهر 515، پليٽ نمبر 27



(12)

ايسٽرپيٽ جي لکت
موهن جو دڙو جي ڦرهي 202،
203، 204 پليٽ نمبر 10



(13)

ايسٽرپيٽ جي لکت




موهن جو دڙو جي ڦرهي 126

ايسٽرپيٽ جي لکت 8
موهين جو دڙو جي ڦرهي
114




ايسٽر پيٽ جي لکت
موهين جو دڙو جي ڦرهي 307



(14)



پليٽ نمبر 26



# باب ٻيو

## ٽرونڪ نوٽس لکتون
## (Tironische Notes)

ٽرونڪ نوٽس لکتن وارين نشانين جو قدر/آواز ليڪڪ ڪرل فاولمن جو ڪتاب جرمن ٻوليءَ ۾ لکيل آهي.

هن ڪتاب جو نالو "Schrift Zeichen UND Alphabete" (قديم اکر ۽ الفابيٽ)

ڪتاب جي صفحي 193 تي ٽن ٻولين جون لکتون ڏنيون ويون آهن ۽ انهن جا آواز/قدر انگريزيءَ ۾ آهن.

1. ٽرونڪ نوٽيس الفابيٽ ۾ ٽيويهه (23) آواز
2. پريفڪس الفابيٽ جا ٻاويهه (22) آواز
3. سفيڪس الفابيٽ جا ٻٽيهه (32) آواز

ٽنهي ٻولين جي لکتن جو چارٽ هيٺ ڏجي ٿو.




(15)



ٽرونڪ نوٽس جو آواز "a" Λ h

آواز "a" (الف) جون ٻه نشانيون/لکتون ڏيکاريون ويون آهن. ڪيترين ٻولين ۾ ٻنهي نشانين جو آواز "a" (الف) آهي. ٻئي نشانيون "Λ h" موهين جو دڙو جي ڦرهين ۾ آهن.

نشاني "h" (ھ) = H

هيءَ "h" نشاني انگريزي ۾ ٻين ٻولين ۾ آواز "H" (ھ) آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لَهجن ۾ آواز "ھ" استعمال ٿئي ٿو، پر لاڙي لهجي ۾ آواز "ھ" خاموش آهي.

"/ھ/ صوتيه جو حذف ٿيڻ = لاڙي لهجي ۾ لفظ جي وچينءَ صورت ۾ ڪيترن لفظن ۾ /ھ/ ڪي حذف ڪيو ويو آهي.

مثال طور:

| معياري | لاڙي | معياري | لاڙي لهجو |
|---|---|---|---|
| لهجو | لهجو | لهجو | جيڙو |
| توهين | توين | جهڙو | تيڙو |
| پنهنجو | پانجو | تهڙو | چوٿو |
| پهتو | پوتو | چُهتو | آئي |
| آهيان | آيان | آهي | |

ت = ويا ڪرٽي جائزو:

عدد — لاڙ ۾ انگن جي اُچار ۾ به فرق ڪندا آهن.

مثلن:

| معياري اُچار | لاڙي اُچار | |
|---|---|---|
| يارنهن | ٺٽي ضلعي جو | بدين ضلعي جو |
| ٻارنهن | اِڳيار-يارو | ڪارهن،يار،يارون |
| تيرنهن | ٻارو | ٻار-ٻارون |
| چوڏهين | تيرو | تير-تيرون |
| | چوڏو | چوڏ-چوڏون |

(16)

عام طور تي ماڻهو "واهه" جو لفظ اُچارڻ وقت آخري آواز "هه" تي زور ڪو نه ڏيندا آهن. "وا" چوندا آهن. پر لکڻ ۾ "واهه" "هه" اکر جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

"واهه" جي معنيٰ واڪاڻ

نشاني "h" (H)



(17)

(موهين جو دڙو، ڦرهي نمبر 365، پليٽ نمبر 28)



نشاني "H" (h) جو ڪيترن ٻولين ۾ آواز (الف) (a) سان آهي.

برازيل پورچوگيز ۽ انگريزي ٻولين جي ڪن لفظن ۾ نشاني "H" (h) جو آواز حذف ڪيو ويندو آهي. پر برازيل پورچوگيز ٻولي ۾ آواز "a" (الف) جي "h" علامت آهي.

۾ آواز (H) جو اُچار اسپيني ٻوليءَ ۾ آواز "a" آهي.

## The letter H

The Brazilian Portuguese *h* is one of the most versatile consonants around. If the word begins with an *h*.the letter is silent.

✓honesto (oh-neh-stoh: honest)

✓hora (oh-dah: hour)

If the h follows an l (lh) or an n (nh), the h sounds like a y. (18)

برازيل پورچوگيز ٻوليءَ جا لفظ أنيستو (honesto) ۽ اور (hora) ٻنهي لفظن جي معنيٰ انگريزي لفظ آنيسٽ (honest) ۽ اوَر (hour) ٻنهي ٻولين جي لفظن ۾ اکر "h" (هه) مُنڍ ۾ آيل آهي. جنهن جو اُچار "a" سان آهي.

برازيل پورچوگيز لفظ اُور (hora)، اسپيني ٻوليءَ جو لفظ اورا "hora". ٻنهي جو مُنڍ وارو اکر "h" (هه) آهي ۽ اُچار "a" ڪڍيو وڃي ٿو.

اسپيني ٻوليءَ ۾ آواز "a" (الف) جي نشاني "h" (H) آهي. ڪجهه لفظ هيٺ ڏجن ٿا.

| No. | Word لفظ | Meaning معنيٰ | سنڌيءَ ۾ اُچار | معنيٰ |
|---|---|---|---|---|
| 1 | Haber (19) | to have | آبير | هُجڻ |
| 2 | Hilo (20) | Thread | ايلو | ڌاڳو |
| 3 | hiJo (21) | Child | ايهو | ٻار |
| 4 | hito (22) | mile stone | ايتو | سنگ ميل |
| 5 | hora (23) | hour | اورا | ڪلاڪ |
| 6 | hoy (24) | To day | اوءِ | اڄ |

نشاني - Λ

هيءَ نشاني عدد/انگ اَٺ

موهين (موهين جو دڙو) جي ڦرهين ۾ نشاني - Λ

پليٽ نمبر 16 ڦرهي نمبر 316 ۾ ٻه ڀيرا گڏ "ΛΛ" ڏيکاري وئي آهي.



(25)





(26)

تمناگ امازنگ آواز "D" = Λ جي لکت

## تفناگ امازنگ الفابيٽ




(27)

## گپتا خاندان جي لکت

### INSCHRIFTEN DER GUPTA-DYNASTIE.




Diese Alphabete aus Inschriften, die in verschiedenen Theilen Indiens gefunden wurden, scheinen sämmtlich zur magadhischen Schrift zu gehören, da die geringen Abweichungen theils der Zeit (die *Ašoka*-Inschrift stammt aus dem 3. Jahrhundert v. Chr., die von *Gudžarat* aus dem 2. Jahrhundert n. Chr., die von *Allahabad* aus dem 5. Jahrhundert), theils fremden Einflüssen zugeschrieben werden können. In diesen Schriften tritt auch der Bindestrich allmählig hervor, der anfangs wohl *a* bedeutete und bei Völkern aufgekommen sein dürfte, welche früher eine vokallose Schrift hatten (vergl. *Sindh*).

126

(34)



## قديم ٻولين ۾ نشانيءَ "Λ" جا آواز

| نمبر | ٻوليءَ جو نالو | لکت يا نشاني | قدر يا آواز |
|---|---|---|---|
| 1 | ٽيني انڊين | Λ | -bi (بِ) |
| 2 | ڪَرن انڊين | Λ | -bi (بِ) |
| 3 | پنڪ | Λ | =g (گ) |
| 4 | قبرصي | Λ | -Ko (ڪو) |
| 5 | فلسطين جي اوپر ۾ هويانائيت | Λ | k. (ڪ/ق) |
| 6 | فلسطين جي اوپر ۾ هويانائيت | Λ | S (س) |
| 7 | مگديش | Λ | ga (گَ) |
| 8 | اينگلو-سيڪس رنس | П-Λ | Ur-U (اُر) |
| 9 | فرانسي بارڊ-الفابيٽ | Λ | = a (الف) |
| 10 | لڪيان | Λ | = L (ل) |
| 11 | قديم يوناني | Λ | - L (ل) |
| 12 | پراٽي اطالوي – ( ) | Λ | P (پ) |
| 13 | پراٽي اطالوي ( ) | Λ | = A (الف) |
| 14 | ٽرونڪ نوٽيس | Λ | . a (اِلف) |
| 15 | ٽرونڪ نوٽيس | Λ | = L (ل) |
| 16 | ٽرنڪ نوٽيس | Λ | Q (ق) |
| 17 | پريفڪس | Λ | Al (اَل) |
| 18 | ٽفناگ امازنگ | Λ | d (د) |

# باب ٽيون

## پونڪ رسم الخط ۽ موهين جو دڙو جون نشانيون

جرمن ٻوليءَ ۾ ڦونش (Punisch) انگريزيءَ ۾ پيونڪ (Punic) رسم الخط جون ڪيترين ئي نشانيون موهين (موهين جو دڙو) جي ڦرهين وارين نشانين سان ملندڙ آهن.

پونڪ اسڪرپٽ صوتياتي لکت جي هڪ وڌيڪ جديد شڪل آهي. پر صوتياتي رسم الخط مان a, h, x, m, š انحراف، جيڪو ڪارٿيج ۾ پونڪ راڄ جي پهرين صدين ۾ استعمال ڪيو ويو هوڳ. ايتري قدر حيرت انگيز آهي تہ هڪ جو تصور اجنبي اثر بي بنياد نظر نہ ٿو اچي. خاص طور تي چاڪاڻ تہ "y" جي شڪل وڌيڪ عام صوتياتي شڪلن سان هم آهنگ نہ آهي. اهو هميشہ ممڪن آهي تہ پونڪ اسڪرپٽ فونڪ اسڪرپٽ جي ٽيچوگرافي طور تي آساني سان ٺهيل آهي ۽ ان ساڳي طرح سان واسطو رکي ٿي. جيئن اسان جي رسم الخط وچين دؤر جي راهب اسڪرپٽ سان.

پونڪ ٻوليءَ جي مٿئين چارٽ ۾ نشاني "X" جا ٽي آواز "a" "m" ۽ (š) ڏيکاريا ويا آهن.



## هيٺ پيونڪ رسم الخط ڏجي ٿو.



PUNISCH.

| Zeichen | Wert | Zeichen | Wert | Zeichen | Wert | Zeichen | Wert |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | a | | w | | l | | ṣ |
| | b | | χ | | m | | q |
| | g | | t | | n | | r |
| | d | | y | | ʒ | | š |
| | h | | k | | p | | t |

Die punische Schrift ist eine jüngere Form der phönikischen Schrift, doch finden sich bei *a, h, χ, m, š* so auffallende Abweichungen von der phönikischen Schrift, welche in den ersten Jahrhunderten der punischen Herrschaft in Karthago angewendet wurde, dass die Vermuthung eines fremden Einflusses nicht grundlos erscheint, zumal auch die Form des *y* mit den gebräuchlicheren phönikischen Formen nicht harmonirt. Immerhin ist es möglich, dass die punische Schrift eine tachygraphisch vereinfachte Form der phönikischen Schrift ist und sich zu dieser ebenso verhält wie unsere Schreibschrift zu der Mönchsschrift des Mittelalters.

(35)

پونڪ رسم الخط جي هڪ آواز جون ٻه، ٽي چار ۽ نو نشانيون ڏيکاريون ويون آهن.

جڏهن تہ آواز ”a“ جون ٻه نشانيون 

۽ آواز ”m“ جون ٻہ نشانيون 

۽ آواز ”š“ جون ٽي نشانيون 

هنن نشانين ۾ هڪ ”  “ نشاني ساڳي آهي، جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ پونڪ ٻوليءَ ۾ هڪ نشانيءَ جا 3 آواز (”a“ , ”m“ ۽ ”š“) آهن.

آواز ”m“ = X جي نشاني انگريزي اکر ايڪس ”X“ براهمي ۽ سنڌي آواز ”X“ جي نشاني سان ملندڙ آهي.

موهين جو دڙو پليٽ نمبر 11، ڦرهي نمبر 221، پليٽ نمبر 33، ڦرهي نمبر 138.



(37)



(36)

جيئن مٿيون عددن واريون لڪتون، موهين جو دڙو جو ڦرهين ۾ بہ ملن ٿيون.



(پراڻي اطالوي رسم الخط)


ALTITALISCHE SCHRIFTEN.

Wert | Etruskisch | Umbrisch | Oskisch | Faliskisch | Messapisch | Römisch (ältere, jüngere)

Ziffern.

Etruskische: I 1, Λ V 5, X + 10, ↑ ↓ 50, ⊕ 100, 8 1000.

Römische: I 1, II 2, III 3, IV (IIII) 4, V 5, VI 6, VII 7, VIII (IIX) 8, IX 9, X 10, XI 11, XIV 14, XV 15, XIX 19, XX 20, XXIV 24, XXX 30, XL 40, L 50, LX 60, LXX 70, LXXX 80, LXXXIX 89, XC 90, C 100, CC 200, D 500, CIↃ, M 1000, MDCCCLXXVIII 1878.

Die römischen Ziffern haben einige Eigenheiten, V dürfte die Form der Hand sein, X wird als zwei Hände erklärt, ebenso L als die Hälfte von Ⅽ=C 100

192

(38)

# رياضياتي علامتون ۽ مخففات



MATHEMATISCHE ZEICHEN UND ABBREVIATUREN.

| Zeichen | Bedeutung |
| --- | --- |
| $+$ | mehr (plus), positiv |
| $-$ | weniger (minus), negativ |
| $\pm$ | mehr oder weniger |
| $\times$ $\cdot$ | mal |
| $:$ | getheilt, gemessen durch |
| $=$ | gleich |
| $\doteq$ | nahezu, fast gleich |
| $\infty$ | unendlich |
| $\parallel$ | parallel |
| ╪ | gleich und parallel |
| ∡ ∢ | Winkel |
| $\perp$ | senkrecht |
| $\triangle$ | Dreieck, Differenz |
| $\square$ | Quadrat |
| ▭ | Rechteck, Oblongum |
| $\backsim$ | ähnlich |
| $\cong$ | congruent |
| $\equiv$ | einerlei (identisch) |
| $a > b$ | $a$ grösser als $b$ |
| $a < b$ | $a$ kleiner als $b$ |
| $a \gtrless b$ | $a$ grösser oder kleiner als $b$ |
| $\frown$ | prim zu |
| $^{\circ}$ | Grade |
| $^{h}$ | Stunden |
| $'$ $^{m}$ | Minuten |
| $''$ $^{s}$ | Secunden |
| $'''$ $^{t}$ | Tertien |
| $a, b, c, \ldots$ | bekannte, gegebene Zahlen (Grössen) |
| $\ldots u, v, w, x, y, z$ | unbekannte, veränderliche Grössen |
| ar. | Area |
| arc. | Arcus |
| cos. | Cosinus |
| cosec. | Cosecante |

| Zeichen | Bedeutung |
| --- | --- |
| cotg. | Cotangente |
| $\overset{r}{C}(n)$ | Combinationen der $r$ten Classe von $n$-Elementen |
| d | Diameter (Durchmesser) |
| e | Basis der natürlichen Logarithmen |
| f (x) | Function von $x$ |
| g. g. M. | grösstes gemeinschaftliches Mass |
| k. g. V. | kleinstes gemeinschaftliches Vielfaches |
| l., log. | Logarithmus |
| ll. | Logarithmus vom Logarithmus |
| lim. | Limes |
| n! | factorielle |
| $\binom{n}{r}$ | $n$ über $r$ |
| p. | Peripherie |
| p. p. | Partes proportionalis |
| p. C. | per constructionem |
| p. H. | per hypothesin |
| $\pi$ | Verhältnis von Kreisperipherie und Durchmesser |
| r | Radius (Halbmesser) |
| $\sqrt{\ }$ | Wurzel |
| $\sqrt{-1} = i$ | imaginäre Einheit |
| $\int$ | Integral |
| S, s, $\Sigma$ | Summe |
| sec. | Secante |
| sin. | Sinus |
| tang. | Tangente |
| $\overset{r}{V}(n)$ | Variationen der $r$ten Classe von $n$-Elementen |
| Rt | Thaler |
| fl. | Gulden |
| xr. | Kreuzer |
| mk | Mark |
| ß | Schilling |
| ₰ | Pfennig |
| ℔ | Pfund |

210

(49)



## نشاني/لکت 8

قبرصي رسم الخط ۾ آواز “Le” = 8،

پراڻيون اطالوي ٻوليون امبرين ۽ آسڪر، هنن ٻنهي ٻولين ۾ آواز ”f“ (ف جي لکت ”8“، جيڪا عدد اٺ (8) جي شڪل سان ملي ٿي. اٽروسڪن رسم الخط (450-B.C) نشاني ”8“ جو آواز ”f“ ڏيکاريو ويو آهي، آواز ”f“ (8) ۽ عدد (8) اٺ سان ملندڙ نشاني آهي. اهڙي نشاني موهين جو دڙو، پليٽ نمبر 33، ڦرهي نمبر 125 ۾ گڏيل لفظن سان ڏيکاري وئي آهي.



(50)



(51)

موهين جو دڙو، پليٽ نمبر 32، ڦرهي نمبر 114



(52)

## باب چوٿون

# اکر ۽ انگ (3)

سنڌو ماٿري تهذيب-ميسوپوٽيميا ۽ مصري تهذيبن کي اوائلي تهذيبون سڏيو ويو آهي. انهن تهذيبن جي ماڳن مان ملندڙ لکتون/نشانيون جيڪي ٺِڪرين ۽ ٺڪرن جي ٿانون، پٿرن تي اُڪريل/گهڙيل ۽ ڌاتن جي تختين تي چٽيل لکتون اڄ بہ ڪيترين ئي ٻولين منجهہ آوازن ۽ انگن جي شڪلين ۾ ملن ٿيون.

”پنيور جو دڙو“، مان مليل ٺڪريءَ تي اُڪريل لکتن ۾ هڪ نشاني ”3“ جيڪا انگ ۽ آواز واري پڻ سڃاڻپ رکي ٿي.



(53)



پنيور جي دڙي مان مليل ٺڪريءَ تي اُڪريل لکتون، جنهن ۾ نشاني ”3“ انگ ٿي جهڙي آهي. پر هيءَ لکت قديم ”سنڌ رسم الخط“ ۽ ملتان رسم الخط ۾ آواز ”ta“ ”تَ“ (3) جي شڪل سان مشابهت رکي ٿي.

سنڌي، انگريزي ۽ رومن خَط، اهي سيئي مختلف ٻولين جي رسم الخطن ۾ صوتياتي نظام جو حصو نظر اچن ٿا.

ڪن ٻولين ۾ انگ ”3“ کي علامتن واريون نشانيون لڳائي آواز پڻ جوڙيا ويا آهن. انگ (3) جي صورت کي ٿورو ڦيرائي ڪجهہ ٻيا آواز بہ جوڙيا ويا آهن.

جيئن تہ ”سنڌ رسم الخط“ (Sindh Script) ۾ ڪجهہ آواز هيٺ ڏنل آهن




ليکڪ ”ڪارل فاؤلمن“ جو ڪتاب ”Script Seichen Und Alphabet“ (اکر ۽ الفابيٽ)

ليکڪ هن ڪتاب جي صفحي نمبر 121 تي ”سنڌ ۽ ملتان“ رسم الخط (Sindh-Und-Multanscrift) جو چارٽ ڏنو آهي. هي ڪتاب جرمن ٻوليءَ ۾ لکيو آهي.

هيٺ سنڌ ۽ ملتان رسم الخط جو خاڪو ڏجي ٿو.

## پالي ۽ برمي لکتون








## يوناني ٽيچر گرافي



## سربين ٻوليءَ ۾ آواز ”Z“ (3)

The letter 3 is pronounced like the “z” in “zoo” or “Zebra” the uppeurcase form is “3” (57)

| Word | Meaning | Pronounciation |
|---|---|---|
| зима | Winter | Zyma |

3 Pronounced like “z” in “Zel” “Zebra”, “Zero” (58)

فلپائين لکٽين ۾ نشاني ”3“ جو آواز ”U“ ملي ٿو. فلپائن لکٽيون تاگالا (Tagala) ”3“ ۽ بسيا (Bisaya)، 3 جون ٻنهين نشانين جون شڪليون ملندڙ آهن. ٻنهي جو آواز ”U“ ٻڌايو وڃي ٿو.

فلپائين لکٽين جو خاڪو هيٺ ڏجي ٿو.




(59)



مالديپ رسم الخط ۾ آواز ”3-ph“ جي لکت ٻنيور جي ٺڪري واري لکت، سنڌ ۽ ملتان رسم الخط جي آواز ”3-ta“ سان ملندڙ آهي.

قديم ”سنڌ رسم الخط“ جي آوازن واريون نشانيون ڪيترين ئي ٻولين جي آوازن ۽ انگن سان ملندڙ نظر اچن ٿيون.

هيٺ انگن جو چارٽ ڏجي ٿو. جنهن ۾ مختلف انگن جا نمبر ڏيکاريا ويا آهن. سيڪات (Syakat) جي انگن ۾ نمبر 1، = 1، نمبر 6 = ٨، نمبر 7 - Ч =

اهي ٽئي انگن واريون نشانيون موهين جو دڙو جي ڦرهين ۾ ملن ٿيون.




(60)

سيڪات (Syakat) جو انگ 7 - Ч ۽ سنڌ رسم الخط جو آواز tha = Ч ٻنهين جون شڪليون ساڳيون نظر اچن ٿيون. جڏهن ته سيڪات انگ ”6“ جي لکت = ٨، سنڌي انگ ”٨“ جهڙي آهي ۽ بنگالي/بنگلا زبان عدد ”Ч“ چار جي

لکت انگريزي انگ ”8“ جهڙي آهي. ۽ بنگلا ۾ انگ 7 جي لکت ”9“ انگريزي انگ ”9“ جهڙي آهي. مٿيان سيئي انگ ڪيترين ٻولن ۾ آوازن واري علامت رکندڙ آهي.




(61)

نيپالي زبان جو انگ هڪ = 7-1

نيپالي زبان جو انگ سَت 7-7



ٻنهين انگن جهڙيون نشانيون ”موهين جو دڙو“ جي ڦرهين ۾ ملن ٿيون.

جڏهن نيپالي زبان ۾ عدد چار جي شڪل ”8“ انگريزي انگ انن (8) جهڙي نظر اچي ٿي.




(62)

مالابار ۾ سيريا جي رسم الخط ۾ اکرن جون نشانيون، جنهن ۾ آواز "n" 3 ، آواز "n" - Ʒ ، آواز n 3 - 3 ۾ آواز t Λ - سي انگن سان ملندڙ نظر اچن ٿيون.




